SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XVIII مجريه 2001

# SINDH ORDINANCE NO.XVIII OF 2001

# سنڌ جهنگلي جيوت جو تحفظ (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2001

# THE SINDH WILD LIFE PROTECTION (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ 14 جي ترميم
Amendment of section 14 of Sindh Ordinance No.V of 1972

3. 1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ 15 جي ترميم
Amendment of section 15 of Sindh Ordinance No.V of 1972

# سنڌ آرڊيننس نمبر XVIII مجريہ 2001

# SINDH ORDINANCE NO.XVIII OF 2001

# سنڌ جهنگلي جيوت جو تحفظ (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2001

# THE SINDH WILD LIFE PROTECTION (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

[1 جون 2001]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ آرڊيننس، 1972 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ آرڊيننس، 1972 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هينيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو

آهي:

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ آرڊيننس، 1972 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ چاٽايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 14 جي ذيلي دفعہ (3 جي ٻئي شرطيہ بيان ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون نئون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

"بشرطيڪ اهو بہ تہ هي ذيلي دفعہ جهنگلي جيوت جي علائقي ۾ تيل ۽ گئس ڳولڻ ۽ پيداوار سان لاڳاپيل ڪمن تي لاڳو نہ ٿيندي، جيڪو ماحولياتي اثر جي معائني لاءِ هوندو، جيئن پاڪستان ماحولياتي تحفظ ايڪٽ، 1997 (1997 جو ايڪٽ، XXXIV) ۾ بيان ڪيو ويو آهي."

1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ 14 جي ترميم

Amendment of section 14 of Sindh Ordinance No.V of 1972

3. چاٽايل آرڊيننس جي دفعہ 15 جي ذيلي دفعہ (4) ۾ شرطيہ بيان جي ٻي ترميم ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون نئون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

"بشرطيڪ اهو بہ تہ هي ذيلي دفعہ نيشنل پارڪ ۾ تيل ۽ گئس ڳولڻ ۽ پيداوار سان لاڳاپيل ڪمن تي لاڳو نہ ٿيندي، جيڪو ماحولياتي اثر جي معائني لاءِ هوندو، جيئن پاڪستان ماحولياتي تحفظ ايڪٽ، 1997 (1997 جو ايڪٽ، XXXIV) ۾ بيان ڪيو ويو آهي."

1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ 15 جي ترميم

Amendment of section 15 of Sindh Ordinance No.V of 1972

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**